TRANSLATION DEPARTMENT
DAWAT-E-ISLAMI

هفتيوار رسالو

روحاني ۽ طبي علاج

امیرِ اهلِ سنّت جي قلم سان لکيل



چور ۽ شيطان کان حفاظت

هڪ وظيفو، 9 فائدا

قاتل رقم وصول

سياري ۾ بيمارين کان بچاءُ جو نسخو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

ڪتاب پڑھڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڑھڻ کان پھريان ھيٺ ڏنل دعا پڑھي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڑھندا ياد رھندو، دعا ھي آھي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنھنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بیروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر ھڪ ھڪ پيرو درود شريف پڑھي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: روحاني ۽ طبي علاج

ڇاپو پھريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مكتبة المدينہ عالمي مدني مركز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنھن کي بہ ھي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناھي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي ھجي يا صفحا گھٽ ھجن يا بائنڈنگ ۾ اڻٽي پوئتي ٿي ويا ھجن تہ مكتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

روحاني ۽ طبي علاج

پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ
محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: ✉ translation@dawateislami.net

فهرست

30روحاني ۽ طبي علاج

دُرُود شريف جي فضيلت 1
(1): درود پاڪ جون چار برڪتون 2
(2): شعبان جو مخصوص عمل 2
(3): چور ۽ شيطان کان حفاظت 2
(4): مٽي ۾ پاڻي پرجي وڃڻ جو علاج 3
(5): قاتل رقم وصُول ڪرڻ لاءِ 3
(6): هڪ وظيفو 9 فائدا 3
(7): حافظو مضبوط ڪرڻ جي لاءِ 4
(8): ٻارَن جي حفاظت جو وظيفو 4
(9): جمعي جي ڏينهن جو هڪ وظيفو 4
(10): ياد رکڻ جو مدني نسخو 4
(11) اَعُوْذُبِاللّٰہِ جي برڪت 5
(12): شيطان جي شَرَ کان حفاظت 5
(13): گھَرُ شيطان کان محفوظ رهي 5
(14): آذان جون برڪتون 5
(15): قرض لاهڻ جو وظيفو 6
(16): تڪاوت کان حفاظت جو وظيفو 6
(17): نزلي ۽ زُڪام جو روحاني علاج 6
(18): گرميءَ کان حفاظت 6
(19): خارش جو علاج 6
(20): استنجا خاني (بيت الخلا) ۾ دير تائين ويهڻ جو نقصان 7
(21): خطرناڪ زهريلو مادو 7
(22): پيٽَ جي بيمارين جو علاج 7
(23) نظر ڪمزور ٿيندي آهي 8
(24): سياري ۾ بيمارين کان حفاظت جو نسخو 8
(25): ڪاڌي ڪائڻ کان پوءِ ٽڏو پاڻي پيئڻ جو نقصان 8
(26): تندرستي هزار نعمت آهي 8
(27): ننڊ مان اُٺڻ جو طريقو 8
(28): ڳلي جي بيمارين کان حفاظت جو نسخو 9
(29): ڪَدو شريف جا فائدا 9
(30): سنت جي مطابق ويهي ڪاڌو ڪائڻ جون برڪتون 9

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

30 روحاني ۽ طبي علاج

دعاءِ عطار: يا رب كريم! جيكو به **هي** رسالو "**30 روحاني ۽ طبي علاج**" مكمل پڙهي يا ٻڌي وڻي، ان كي جسماني ۽ روحاني هر طرح جي بيمارين كان محفوظ فرمائي والدين ۽ خاندان سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دُرُود شريف جي فضيلت

حضرت جابر رضی اللہ عنہ جا والدِ گرامي حضرت سَمُرَه سُوَائي رضی اللہ عنہ روايت فرمائن ٿا ته اسان سركارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ حاضر هئاسين ته هڪ شخص حاضر ٿي عرض كيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ جي بارگاه ۾ سڀ كان بهترين عمل كهڙو آهي؟ ته محبوبِ خدا، سرورِ انبياء صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **سچ ڳالهائڻ ۽ امانت ادا كرڻ.**

حديث جا راوي حضرت سَمُرَه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون عرض كيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! وڌيڪ به كجهه ارشاد فرمايو! فرمايائون: كثرت سان ذكر كرڻ ۽ مون تي درود پاڪ پڙهڻ، چو ته هي عمل فقر (يعني غربت) كي دور كندو آهي.

بهر رفع مرض و زحمت و رنج و کلفت ڈھونڈتے پھرتے ہیں وہ لوگ کہاں کا تعویذ
تم پڑھو صاحبِ لولاک پر کثرت سے دُرُود ہے عجب دردِ نہاں اور اماں کا تعویذ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

(1): درود پاڪ جون چار برڪتون

درود شريف پڙهڻ سان مصيبتون دور ٿيندڙيون آهن، دشمنن تي فتح حاصل ٿيندي آهي، اولاد دَر اولاد چئن نسلن تائين برڪت رهندي آهي ۽ موت جي وقت آساني ٿيندي آهي

(2): شعبان جو مخصوص عمل

هر ڀيري بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم سان گڏ سُوْرَۃُ الْکَوْثَر 33 ڀيرا (اول ۽ آخر 11 ڀيرا درود شريف) ماهِ شعبان جي دوران ڏينهن يا رات ۾ ڪنهن ب وقت باوضو پڙهي ڇڏيو. شعبان جي مهيني ۾ روزانو ب پڙهي سگهو ٿا. مراد پوري ٿيڻ لاءِ هي بهترين عمل آهي. پڙهڻ وقت پنهنجي مراد کي ذهن ۾ رکڻو آهي. مثال طور: حج، مديني جي زيارت ۽ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ديدار، روزيءَ ۾ برڪت، قرض لهڻ، مرض دور ٿيڻ، پٽ يا ڌيءُ پيدا ٿيڻ جي خواهش، شادي ٿيڻ، ٿينشن کان ڇوٽڪارو ملڻ، دڪان ۽ گهر جا مسئلا حل ٿيڻ، ديني امتحان ۾ اعليٰ ڪاميابي حاصل ڪرڻ، گهريلو زندگي خوشگوار گذارڻ، سٺي نوڪري ملڻ، حافظو مضبوط ٿيڻ وغيره مان جيڪا ب مراد هجي، ان کي ذهن ۾ رکي هي عمل ڪريو. الله ڪريم چاهيو ته ضرور ڪرم ٿيندو.

(3): چور ۽ شيطان کان حفاظت

سمهڻ وقت هڪ ڀيرو آيَۃُ الْکُرْسِی هميشہ پڙهندا ڪريو، چو ته هيءَ

چور ۽ شيطان کان هميشہ امان (يعني پناھ) آھي.

(4): مٿي ۾ پاڻي پرجي وڃڻ جو علاج

مريض جي مٿي تي باوضو ھٿ ڦيرائيندي ھڪ ڀيرو درود شريف پڙھي، ٽي ڀيرا سُوْرَةُ الْفَاتِحَة ۽ ٽي ڀيرا سُوْرَةُ الْاِخْلَاص پڙھي، آخر ۾ ھڪ ڀيرو درود پاڪ پڙھي دم ڪري ڇڏيو. (ھر سورت شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙھڻي آھي).

مدت: شِفا حاصل ٿيڻ تائين.

(5): قاتل رقم وُصُول ڪرڻ لاءِ

پنھنجو جائز حق، جھڙوڪ: قرض جي رقم يا چوري ٿيل اسڪوٽر، گاڏي يا رقم وغيره واپس حاصل ڪرڻ لاءِ مڪروھ وقت کان علاوه ڪنھن بہ وقت ۾ رڪعتون نفل ادا ڪريو. انھن جي ھر سجدي ۾ ٽي ٽي ڀيرا سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى چوڻ کان پوءِ يَا مُعِزُّ يَا مُذِلُّ **75 ڀيرا** پڙھو. اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيم! توھان کي پنھنجو حق ملي ويندو. ظالم جي ظلم کان بچڻ لاءِ بہ ھي عمل ڪريو.

(6): ھڪ وظيفي 9 فائدا

يَا بَاعِثُ يَا نُوْرُ **11 ڀيرا** (اول ۽ آخر ھڪ ڀيرو درود شريف) روزانو سمھڻ وقت دل تي ساڄو ھٿ رکي پڙھو. ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيم! گھٽ ۾ گھٽ ھي **9** فائدا حاصل ٿيندا: **(1):** دل جون بيماريون ھونديون تہ صحت ملندي ۽ جيڪڏھن نہ ھونديون تہ انھن کان حفاظت ٿيندي **(2):** ٽينشن دور ٿيندي **(3):** ھاءِ بلڊ پريشر ۾ فائدو ٿيندو **(4):** اُبتن سُبتن خوابن کان ڇوٽڪارو ملندو **(5):** دل روشن ٿيندي **(6):**

جيڪڏهن ننڊ نہ ايندي هجي تہ ننڊ اچي ويندي **(7):** بزرگانِ دين جون زيارتون نصيب ٿيندين **(8):** مرڻ وقت ڪلمو نصيب ٿيندو **(9):** ڪاوڙ جي عادت ختم ٿي ويندي. (هي عمل الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ پڙهڻ گهرجي، الله پاڪ چاهيو تہ بيشمار فائدا ۽ برڪتون حاصل ٿيندين).

(7): حافظو مضبوط ڪرڻ جي لاءِ

پنجن ئي نمازن کان پوءِ متي تي ساڄو هٿ رکي يَاقَوِيُّ **11 ڀيرا** پڙهو.

(8): پارَن جي حفاظت جو وظيفو

جيڪو شخص صبح ۽ شام پنهنجي پارن تي آيَةُ الْكُرْسِي پڙهي دم ڪري ڇڏي، تہ اهي پار شيطان، جادو ۽ نظرِ بد کان محفوظ رهندا.

(9): جمعي جي ڏينهن جو هڪ وظيفو

جيڪو شخص جمعي جي نماز کان اڳ يَابَصِيرُ **100 ڀيرا** پڙهي ونندو تہ الله پاڪ ان جي بصيرت (يعني دل جي نظر) ۾ اضافو فرمائيندو ۽ ان کي سنيون ڳالهيون ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائيندو.

(10): ياد رکڻ جو مدني نسخو

جيڪو شخص ڪنهن ڳالهہ کي ياد رکڻ چاهي تہ اُهو هيءَ دعا پڙهي ڇڏي: (ترجمو پڙهڻ ضروري نہ آهي).

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ مُذَكِّرِ الْخَيْرِ وَفَاعِلِهِ

ترجمو: سپ تعريفون الله تعاليٰ جي لاءِ آهن، جيڪو پلائي ياد ڏيارڻ وارو ۽ پلائي ڪرڻ وارو آهي.

اِنْ شَآءَ الله! هن دعا جي برڪت سان اها ڳالهه ياد رهندي.

(11) اَعُوْذُبِاللهِ جي برڪت

الله پاڪ روزانو ڏهه ڀيرا اَعُوْذُبِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيم پڙهڻ واري جي مٿان شيطان کان حفاظت ڪرڻ جي لاءِ هڪ ملائڪ مقرر فرمائي ڇڏيندو آهي.

(12): شيطان جي شَر کان حفاظت

جيڪو شخص هُوَاللهُ الرَّحِيمُ هر نماز کان پوءِ **7 ڀيرا** پڙهندو ته اِنْ شَآءَ الله! اُهو شيطان جي شر کان محفوظ رهندو ۽ ان جو خاتمو ايمان تي ٿيندو.

(13): گهَرُ شيطان کان محفوظ رهي

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم گهر جو دروازو بند ڪرڻ وقت پڙهي ڇڏيو، ته شيطان (سرڪش جنات) گهر ۾ داخل نه ٿي سگهندا.

(14): آذان جون برڪتون

مصيبت ۽ پريشانيءَ کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ آذان ڏيڻ سنت آهي.

(15): قرض لاهڻ جو وظيفو

يَا مُجِيبُ يَا اللهُ **313 ڀيرا** (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) صبح صادق کان وني سج اپرڻ تائين جي وچ واري وقت ۾ پڙهو. الله ڪريم جي فضل سان قرض لهڻ جا اسباب پيدا ٿيندا.

مدت: بغير وقفي جي لڳاتار يارهن ڏينهن تائين هي عمل ڪندا رهو.

(16): ٽڪاوٽ کان حفاظت جو وظيفو

يَاقُدُّوسُ جيڪو شخص سفر جي دوران پڙهندو رهندو تہ اُهو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! ٽڪاوٽ کان محفوظ رهندو.

(17): نزلي ۽ زُڪام جو روحاني علاج

هر ڀيري بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ سان گڏ سُورَةُ الْفَاتِحَة تي ڀيرا (اول ۽ آخر ٽي ٽي ڀيرا درود شريف) پڙهي، ٽن ڏينهن تائين روزانو مريض تي دم ڪريو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! نزلي ۽ زڪام کان ڇوٽڪارو حاصل ٿيندو.

(18): گرميءَ کان حفاظت

چاچ (يعني پاڻيءَ واري لَسِيءَ) ۾ ڪارو لوڻ ۽ ڀينڊ آجوائن (يعني جاڻِ) ملائي پيئڻ سان گرمي گهٽ ٿيندي آهي ۽ وزن بہ گهٽ ٿيندو آهي.

(19): خارش جو علاج

پنير ٻُوٽي (*Withania Coagulans*) پنساريءَ جي دڪان تان وني، روزانو رات جو ان جا **12 داڻا** هڪ گلاس پاڻيءَ ۾ پسائي رکو، پوءِ

صبح جو چاڻي خالي پيٽ پي ڇڏيو. هر قسم جي خارش ۾ اِنْ شَآءَ الله فائدو ٿيندو. شِفا حاصل ٿيڻ تائين روزانو پيئندا رهو. هي علاج صرف گرميءَ جي موسم ۾ ڪريو. هر سال گرميءَ جي موسم ۾ ٽي چار مهينا پيئڻ گهرجي. ان جو استعمال هيپاٽائيٽِس، شُگر، گئس، مٿي ۽ جسم جو سور ۽ چمڙيءَ جي بيمارين، جهڙوڪ: خارش، ڦڙڙيون، مَلو ۽ چهري جي داڻن وغيره لاءِ فائديمند آهي. ان جي استعمال سان ڪوليسٽرول ۽ ٽولهه ۾ گهٽتائي ايندي آهي ۽ چمڙيءَ (Skin) جو رنگ صاف ٿيندو آهي. ياد رهي ته جيڪڏهن جڙي ٻوٽين ذريعي علاج ڪرڻو هجي ته اهو پنهنجي حڪيم صاحب جي مشوري سان ئي ڪرڻ گهرجي.

(20): اِستنجا خاني (بيت الخلا) ۾ دير تائين ويهڻ جو نقصان

اجايو استنجا خاني ۾ گهڻي دير تائين نه ويهڻ گهرجي، چو ته ان سان بواسير (يعني موڪن) ٿيڻ جو انديشو آهي.

(21): خطرناڪ زهريلو مادو

تيل کي گهڻي دير تائين گرم ڪرڻ ۽ ان ۾ شيون ترڻ جي عمل سان ان ۾ هڪ ٻيو خطرناڪ زهريلو مادو فري ريڊيڪلز (Free Radicals) پيدا ٿيندو آهي، جيڪو دل جي بيمارين، ڪينسر، سَنڈَن ۾ سوج، دماغ جي بيمارين ۽ جلد پوڙهائپ اچڻ جو سبب بڻجندو آهي.

(22): پيٽَ جي بيمارين جو علاج

انجير ۽ بادام ملائي ڪائڻ سان پيٽ جون اڪثر بيماريون ختم ٿي ويندیون آهن.

(23) نظر ڪمزور ٿيندي آهي

پنڌ هلڻ وقت، گاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻ وقت ۽ ليٽي ليٽي مطالعو ڪرڻ سان نظر ڪمزور ٿيندي آهي.

(24): سياري ۾ بيمارين کان حفاظت جو نسخو

سياري ۾ روزانو ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ ننڍو اڌ چمچو ثابت هُربي جو بج استعمال ڪرڻ سان سياري جي اڪثر بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي. (اِنْ شَآءَ الله).

(25): ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ ٺڏو پاڻي پيئڻ جو نقصان

جيڪڏهن ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ ٺڏو پاڻي پيئڻ کان پاڻ کي روڪي نہ ٿا سگهو تہ پوءِ **پِتي جي پٿري** لاءِ تيار ٿي وجو.

(26): تندرستي هزار نعمت آهي

عام طور تي **80 سيڪڙو** بيماريون پيٽ جي خرابي، گهٽو ڪائڻ ۽ جيڪا شيءِ سامهون آئي، اُها ڪائي ڇڏڻ جي ڪري ٿيندیون آهن ..... دل جون بيماريون، اڌ رنگ (يعني فالج)، برين هيمبريج (*Brain Hemorrhage*) يعني دماغ ۾ رت وهڻ وغيره عام طور تي گيهہ ۽ تيل جو گهٽو استعمال ڪرڻ سبب ٿيندیون آهن.

(27): ننڊ مان اُٿڻ جو طريقو

جڏهن ننڊ مان اُٿو تہ ساجي پاسي کان اٿو، خاص طور تي پنيءَ ۾ سڏو ليٽيل حالت مان اوچتو اٿڻ سان چيلهہ يا جسم کي نقصان پهچي سگهي ٿو.

(28): ڳلي جي بيمارين کان حفاظت جو نسخو

وضوءَ ۾ گُرڙِي ڪرڻ سان گڏوگڏ غرغرو ڪرڻ سنت آهي ۽ پابنديءَ سان غرغرا ڪرڻ وارو ٽانسلز (*TONSIL*) يعني ڪاکڑو وڏي وڃڻ ۽ ڳلي جي ڪيترين ئي بيمارين، بلڪ ڳلي جي ڪينسر کان بہ محفوظ رهندو آهي. (روزي جي حالت ۾ غرغرو نہ ڪرڻ گهرجي).

(29): ڪَدو شريف جا فائدا


ڪدو شريف ڪائڻ سنت آهي. ان جو تاثير ٺڏو آهي، تنهنڪري گرمين ۾ خاص طور تي استعمال ڪرڻ گهرجي. ڪدو شريف استعمال ڪرڻ سان ٽڪاوٽ ۾ ڪَمي ايندي آهي، ڪمزوري دور ٿيندي آهي، بک لڳندي آهي ۽ قبضيءَ ۾ فائدو ٿيندو آهي. ڪدو شريف جيري (*Liver*) جي سُور، پيشاب ۽ معدي جي بيمارين ۽ يرقان (*Jaundice*) يعني سائِيءَ جي بيمارين ۾ فائديمند آهي.

(30): سنت جي مطابق ويهي ڪاڏو ڪائڻ جون برڪتون

ساڄي پير کي بيهاري ۽ کابي پير کي وڇائي ان تي ويهي ڪاڏو ڪائڻ واري سنت تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان تِرِيءَ جي بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي ۽ رانن جو گوشت مضبوط ٿيندو آهي. چوندا آهن تہ چار زانو يعني پَلٽِي هڻي ويهي ڪاڏو ڪائڻ سان ٽولهہ ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ پيٽ نڪري ايندو آهي، يعني پيٽ ڦوڪجي ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو



فیضانِ مدینہ، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڈي ڪراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net